# اسلام ۽ ٻين مذهبن ۾ تصوف

## Mysticism in Islam & other religions

1. ڊاڪٽر نوراحمد چانڊيو
2. انور خان ڪليري

*__Abstract:__*

***Mysticism in Islam:***

*Muslim scholars who utilized their energies for understanding the normative guidelines of the human being, came to be known as jurists, however; those who were detained that the most important task was to train the mind in achieving positive thinking, which is divided into three main schools of thought--theology, philosophy, and Sufism. This leaves us with the third domain of human existence, the spirit. Most Muslims who devoted their major efforts to develop the spiritual dimensions of the peoples came to be known as Sufis. This is the most important for the actual peace of the world. Sufis love all creature of the Allah. They love with peace and make struggle for understanding themselves and this way find out Almighty Allah. What is the reason of come into being of humanbeing? Their existence is for prayer of almighty Allah. A Sufi is the messenger of love. He wants to spread love in the universe. Mysticism is not limited only in Islam but has been increaesd in over all religions. Irfan is a term which used in mysticism that means identify Allah through recognizes him.*

***Mysticism in Other Religion:***

*Like Muslims followers of other religions also believe in Mysticism but with some difference like Hinduism believe in incarnation, Embodiman & Transmigration of soul etc. which is defined in this paper. In Hinduism Mysticism is called "Vedanyat". So is in Judism and Chiristinity.*

### تصوف جي تعريف:

لفظ ’تصوف‘ ان طريقہ ڪار يا اسلوبِ عمل جي لاءِ اختيار ڪيو ويندو آهي، جنهن تي ڪو صوفي عمل پيرا هجي.

تصوف کي قرآني اصطلاح ۾ تزڪيہ نفس چوندا آهن. ارشاد باري تعالي آهي :

"يقينا ان فلاح پاتي، جنهن تزڪيو ڪيو. الله تعالي جو ذڪر ڪيو ۽ نماز اداڪئي".(1)

ٻئي هنڌ ارشاد ٿئي ٿو. "يقينا ان فلاح پاتي جنهن تزڪيو ڪيو، اهو خساري ۾ پيو، جنهن انکي گناهن ۾ غرق رکيو."(2)

حديث جي اصطلاح ۾ ان کي احسان چوندا آهن.

"عرض ڪيائون احسان ڇاهي؟ پاڻ فرمايائون تہ: الله تعالي جي عبادت ڪيو ڄڻ تہ انکي ڏسي رهيا هجو. اگر اوهان ان کي نٿا ڏسي سگهو، هوتہ اوهان کي ڏسي رهيو آهي".(3)

مشهور صوفي بزرگ **جنيد بغداديؒ**:فرمائين ٿا: "پنهنجو پاڻ کي الله تعالي ۾ گم ڪري ڇڏيو. ۽ الله تعالي جي ذات ۾ ئي پنهنجي بقا سمجهو" .

مولانا شبليؒ فرمائين ٿا: "هميشہ الله تعالي کي حاضر وناظر سمجهو .۽ سدا موجود واري فلسفي سان دنياوي خواهشات کي ضابطي ۾ رکو".

**ابومحمد** جريرؒ وضاحت ڪن ٿا. "نفساني خواهشات ۽ بد اعمالين تي ضابطي سان ئي اعلىٰ اخلاقي اقدار حاصل ڪري سگهجن ٿا".(4)

تصوف جون مٿي ذڪر ڪيل تعريفون بيان ڪرڻ وارا ماڻهو تصوف کي قرآن ۽ سنت جي عين مطابق قرار ڏين ٿا؛ ۽ ابتدائي زماني ۾ گهڻا فقهي علماء ڪرام بہ ان مان تصوف مراد وٺندا هئا.

## تصوف جو لفظ:

تصوف اسلامي ملڪن (بطور خاص برصغير) ۾ روحانيت ، دنيا تياڳڻ ۽ الله تعالىٰ سان قربت حاصل ڪرڻ جي مفهوم ۾ سمجهيو ويندو آهي. ۽ مسلم علماء ۾ ان جي خلاف (معترض) ۽ متفق، ٻنهي قسمن جا طبقا ملن ٿا؛ ڪن جي خيال ۾ تصوف شريعت ۽ قرآن کان انحراف جونالو آهي ۽ ڪجھ ان کي شريعت جي عين موافق قرار ڏين ٿا.

لفظ "تصوف" کي متنازع چئي بہ سگهجي ٿو ۽ نہ بہ چئي سگهجي ٿو؛ ان جو سبب هي آهي تہ جيڪي شخص خود تصوف جي طريقہ ڪار سان متفق آهن، اهي ان کي روحاني پاڪيزگي حاصل ڪرڻ جي لاءِ قرآن ۽ شريعت جي عين مطابق قرار ڏين ٿا ۽ جيڪي شخص تصوف جي تڪفير ڪن ٿا، اهي ان کي بدعت چوندا آهن ۽ شريعت جي خلاف قرار ڏيندا آهن. يعني انهن ٻنهي (تصوف موافق و تصوف مخالف) گروهن وٽ تصوف ڪا متنازع شي ناهي، بلڪ انهن وٽ تہ معاملو صرف توقير ۽ تڪفير جو آهي. ٻئي طرف اهي ماڻهو ، عالم يا محقق (مسلم توڙي غيرمسلم) جيڪي مسلمانن

۾ موجود سيني فرقن جو تقابلي جائزو وٺندي تصوف جو مطالعو ڪن ٿا، تہ انهن وٽ تصوف جو شعبو مسلمانن جي درميان هڪ متنازع حيثيت رکي ٿو (5).

تصوف اڄ ڪلهہ صرف اسلامي دنيا تائين محدود ناهي رهيو. بلڪہ غيرمسلم دنيا ۾ بہ صوفيت پنهنجي جڳهہ بنائي چڪي آهي، تہ پوءِ غيرمسلم تصوف کي ڪهڙي انداز سان ڏسن ٿا؟ ڇا غيرمسلمن وٽ تصوف ڪائي اسلامي شيءِ آهي يا اسلام کان الڳ؟ ڇا تصوف کي اسلامي غامضيت ۽ معرفت ڇئي سگهجي ٿو؟

## تصوف جي ابتدا:

تاريخ انسانيت بڏائي ٿي تہ مذهب جو آغاز ڪيئن ۽ ڇو ٿيو ۽ ماڻهن فطرت جي ڪيترن ئي طاقتور توانا قوتن جي علامتن جي عبادت ڪهڙي طرح شروع ڪئي ۽ ڇو؟ انهن جي نمائندگي جي طور ڪيترائي بت گهڙي ورتا ۽ بلڪل وساري ڇڏيائون تہ 'علامت' حقيقت ناهي هوندي. پوءِ ڪين اهي ڳالهيون ياد ڏيارڻ لاءِ پيغمبر موڪليا ويا جن جو فرض هيو تہ هو ماڻهن کي ٻڌائن تہ اِن طرح جون عبادتون غلط آهن، ۽ انهن کي الله جي معرفت ۽ انجي وحدانيت سان هم آهنگ ٿيڻ جو درس ڏين.

پيغمبرن جي آمد سان گڏوگڏ تصوف جو آغاز ٿئي ٿو، ڇو تہ صرف عرفان ۽ تصوف جي ذريعي ئي سمجهي سگهجي ٿو تہ الله جي محبوب ذات کي ڪيئن سڃاڻي سگهجي ٿو؟ ۽ ان سان ڪيئن هم آهنگ ٿي پيو سگهجي. ڪجهہ ماڻهن پيغمبرن جون تعليمات محض فرمان برداري ۽ اطاعت جي طور تہ قبول ڪري ورتيون، مگر انهن کي الله جي حقيقت جو ادراڪ نہ ٿيو، انهن پيغمبرن جون هدايتون ٻڌي، پنهنجي پنهنجي پسند جا خدا پنهنجي پنهنجي ذهنن ۾ گهڙي ورتا ۽ جهڙي طرح هو پهريان ڪاٺ ۽ پٿر سان نشانيون ٺاهيندا هئا، هاڻي انهن لفظن ۽ حرفن سان نشانيون گهڙي ورتيون ۽ ائين پنهنجي لاءِ ڪجهہ نوان بت ٺاهي ورتا، انهن پنهنجي پنهنجي تصور جي مطابق خدا تخليق ڪري ورتا.

پيغمبرن کان بعد، امامن، رباني عالمن ۽ روحاني شخصيتن انهن رستن جي وضاحت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا پيغمبرن حقيقتِ وجود تائين پهچڻ جي لاءِ تعليم ڪيا هئا. جيئن تہ انهن پنهنجي پنهنجي مختلف معاشرن جي مطابق هي تعليمات مختلف انداز ۾ پيش ڪيون هيون تہ ان جو نتيجو هي نڪتو جو مختلف قسم جا گروه وجود ۾ اچي ويا ۽ معاشري ۾ هڪ دين جي بجاءِ مختلف مذهبن جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. وري وقت گذرڻ سان گڏ اِنهن گروهن جو پاڻ ۾ تصادم ٿيڻ لڳو. بظاهر تہ هي تصادم مذهب جي ڪري هئا، ليڪن درحقيقت دولت ۽ طاقت جي حصول لاءِ هئا.

بهرحال، حقيقتِ دين جوعلم ـ ق هرگز اِنهن مختلف طور طريقن ۽ نہ ئي عبادتن سان آهي جيڪي گهڻو وقت (صديون) گذرڻ سان وجود ۾ اچي ويا آهن. دين جو بنياد ذاتِ الهي آهي، ۽ ذاتِ الهي ڪي اسان محض پنهنجي ذهن يا پنهنجي ظاهري حسّيات جي ذريعي نٿا سمجهي سگهون، نہ ئي ٻين جا الفاظ پڙهڻ يا ٻڌڻ سان سمجهي سگهون ٿا. دين جي دريافت جو مطلب آهي، خود پنهجي ذات جي عميق باطني رخ جي دريافت، جتان خدائي صفتن جو وهڪرو شروع ٿئي ٿو. اهائي اها خصوصيت آهي، جنهن کي پيغمبرن شناخت ڪيو. اِن خصوصيت جي حصول جي لاءِ ذات ۾ نظم وضبط، انهماڪ ۽ خاص تربيت جي ضرورت آهي جيڪا تصوف ۽ عرفان اسان کي مهيا ڪن ٿا.

پنهنجي اِن مقصد کي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي 'ذات' ۽ پنهنجي وجود، يعني 'مان' جي سچي دريافت جي لاءِ علم جي ضرورت آهي. هي علم اسان جي عام سماجي ذرائع مان حاصل نٿو ٿي سگهي، بلڪ انسان کي پنهنجي حسّيات جي حدود کان بالاتر ٿي وڃڻ گهرجي. اها ئي 'مان' تصوف ۽ عرفان جو بنياد آهي، جو پيغمبرن جي رستي تي رهنمائي ڪندي، انسان جو رخ سچائي جي ُڻ ٻج جي طرف موڙي ڇڏيندي آهي جيڪو پهريان ئي ُڻ جي دل ۾ موجود آهي.

## صوفيت ۽ اسلام:

صوفياء ڪرام(صوفي جو جمع) وٽ اسلامي علوم کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو هڪ ظاهري ٻيو باطني. ظاهري علوم مان مراد شريعت آهي، جيڪا عوام جي لاءِ آهي، ۽ باطني علم اهو آهي جو انهن جي چوڻ مطابق رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم پنهنجي چند مخصوص صحابہ ڪرام حضرت ابوبڪر صديقؓ حضرت علي المرتضيٰؓ حضرت ابوذر رضي الله تعالي عنهم وغيره کي سيکاريو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کان حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه ۽ حضرت علِي ڪرم الله تعاليٰ وجهه الڪريم کان سندن فرزند امام حسن ۽ امام حسين (عليهم السلام) حضرت حسن بصري ۽ حضرت اويس قرني وغيره رحمهمالله فيضياب ٿيا.

### تصوف ۽ تفقه:

تصوف دل جي زندگي آهي ۽ تفقه الله تعالي جي احڪام جي معرفت آهي.(6) عام طور تصوف ۽ تفقه کي هڪ ٻئي جو ضد سمجهيو ويندو آهي . ليڪن حقيقت ۾ ائين ناهي. ان ڳالھ کي واضح ڪرڻ لاءِ تصوف ۽ تفقه جي باري ۾ چند احاديث پيش ڪجن ٿيون.

## احاديث:

رسول پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن وٽ ٻن شخصن جو ذڪر ٿيو. هڪ عابد ٻيو عالم.تہ پاڻ صلي الله عليه و آله وسلم جن ارشاد فرمايو: "عالم جي فضيلت عابد تي ائين آهي جيئن منهنجي فضيلت اوهان مان ڪنهن ادني شخص تي. بيشڪ الله تعاليٰ ان جا ملائڪ زمين ۽ آسمان جي سموري مخلوق ايتري تائين جو هڪ ڪيل پنهنجي ٻر ۾ ۽ مڇي (پاڻي ۾) بہ عالم ۽ معلم جي لاءِ دعاء خير ڪن ٿا".

رسول پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم ارشاد فرمايو: "فقيه شيطان جي لاءِ هزار عابدن کان زياده ڳرو آهي". ۽ هڪ ٻي حديث ۾ آهي تہ: "هڪڙو فقيه شيطان جي لاءِ هزار عابدن کان زياده ڳرو آهي". (7).

رسول پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن ارشاد فرمايو: "بيشڪ زمين ۾ علماء جو مثال آسمان جي ستارن وانگر آهي. ان سان بروبحر جي اونداهين ۾ رهنمائي حاصل ڪئي وڃي ٿي. اگر ستارا وسامي وڃن (علماء ختم ٿي وڃن) تہ هدايت حاصل ڪرڻ وارا گمراه ٿي ويندا".(8)

رسول پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن هڪ ڀيري پنهنجي ڪنهن حجري مبارڪ مان نڪري مسجد ۾ آيا. تہ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن بہ جماعتون ملاحظه فرمايون. هڪ تلاوت قرآن ۽ دعا ۾ مصروف هئيۍ ٻي پڙهڻ پڙهائڻ ۾ تہ رسول پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن ارشاد فرمايو: "سڀ خير تي آهن. هي جيڪي تلاوت قرآن ۽ دعا ۾ مصروف آهن الله تعالي جي مرضي آهي انهن کي عطا ڪري يا نہ ڪري. ۽ هي جيڪي پڙهڻ پڙهائڻ ۾ مشغول آهن، تہ مان بہ استاد بنائي موڪليو ويو آهيان ۽ پاڻ انهن سان گڏ ويهي رهيا". (9)

## صوفِي ۽ فقيه

بعد ۾ تصوف ۾ اهڙا افڪار ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا جن تي شريعت ۽ فقه تي قائم علماء نہ صرف ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو بلڪه ان کي رد بہ ڪيو.مختصرًا اهي مسلم علماء جن پنهنجون توانائيون جسم لاءِ معياري خطوطِ رهنمائي کي سمجهڻ تي مرڪوز ڪيون، اهي "فقيهہ" سڏجن ٿا، ۽ جن هن ڳالھ تي زور ڏنو تہ سڀ کان اهم مهم درست فهم تائين رسائي جي لاءِ عقل جي تربيت آهي اهي وري ٽن مڪاتب فڪر ۾ تقسيم ٿيا.

ماهرين الهيات، فلاسفه ۽ صوفياء.

"اسان وٽ ان انساني وجود سان متعلق ٽيون رڪن رهجي وڃي ٿو، (يعني) روح؛ متعدد مسلم مفڪر، جن پنهنجون زياده تر ڪوششون انساني شخصيت جي

(ان) روحاني ابعاد جي پرورش جي لاءِ مختص ڪري ڇڏيون. اهي صوفي جي نالي سان سڃاتا وڃڻ لڳا.“ (10)

ڪجھ علماء ڪرام تصوف ۽ تفقه ٻنهي کي هڪ جهڙو اهم سمجهيو آهي، انهن وٽ اهڙا دليل بہ آهن، ارشاد گرامي آهي:

جنهن تصوف کي اختيار ڪيو ۽ تفقه کي ڇڏي ڏنو، تہ اهو زنديق بيدين ٿي ويندو، ۽ جنهن تفقه کي اختيار ڪيو ۽ تصوف کي ڇڏي ڏنو تہ اهو فاسق ٿي ويندو ۽ جنهن ٻنهي کي جمع ڪري ورتو، اهو حقيقت کي حاصل ڪري ويو.(11)

## وحدت الوجود ۽ وحدت الشھود:

وحدت الوجود تصوف ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ اصطلاح آهي. جنهن جي وضاحت ڪرڻ انتهائي مشڪل آهي . صوفياء ڪرام ۾ اڪثريت هن نظريي جي قائل آهي .

هن نظرئي مطابق هي پوري ڪائنات بلڪہ الله تعالي جي سموري مخلوق کي ڪا الڳ مستقل حيثيت ناهي سڀ ڪجھہ الله تعالي جي ذات والا صفات جو پرتوو آهي . سندن چوڻ مطابق جيڪڏهن مخلوق کي ڪا مستقل حيثيت هجي ها تہ الله تعالي جي ذات ڪانسواء قائم رهي وڃي ها پر اهو لا محال ناممڪن آهي.

وحدت الوجود جي مقابلي ۾وحدت الشهود جو اصطلاح ڪتب آندو وڃي ٿو جنهن جو مطلب آهي هر شيء الله تعالي جي ذات سان قائم آهي. صوفياء ڪرام هن تشريح کي فقط بن لفظن ۾ سموهيو آهي . وحدت الوجود جو مطلب آهي همہ اوست سڀ ۾ پرين پاڻ ۽ وحدت الشهود جو مطلب آهي همہ از اوست سڀ ڪجهہ ان وٽان آهي. هي ٻئي اصطلاح صوفين جي ايجاد آهن.

سرتاج الشعراء سيد عبد اللطيف تارڪ ڀٽائي عليہ الرحمہ (1689.. 1752ع) صوفين جي نظرئي وحدت الوجود جو پوئلڳ هيو. جنهن جو اظهار سندن رسالي ۾ جابجا موجود آهي. سر يمن ڪلياڻ ۾ پاڻ انجو ڪليل اظهار فرمايو اٿن . جيئن ڀٽائي سرڪار ارشاد فرمايو:

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل؛
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولئِ ٻِيءَ م ڀُل؛
هو هلاچو هل، ٻاالله سندو سڄڻين.

يعني وحدت الله تعالي جي ذات مان ئي ڪثرت هٿائي وجود ۾ آئي در اصل ساري ڪثرت وحدت ئي آهي .

ساڳي جاء تي ڀٽائي صاحب الله تعالي جي وحدانيت جو سچو ۽ پڪو قائل آهي جنهن جو جاء بجاء اظهار بہ فرمايو اٿن:

وحــدہٗ لا شــريڪ لــہٗ، اِيُ هيڪڙائِــيُ حــق؛
بيــائِي ڪــي ٻــڪ، جــن وڌو، ســي ورســيا.

اتي ئي وحدت الوجود جو اظهار هنن لفظن ۾ ٿو ڪري:
پــاڻهين جــل جلالــہٗ، پــاڻهين جــانِ جمــال؛
پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻهين حسن ڪمال؛
پــاڻهين پــر مريــد ٿئــي، پــاڻهين پــاڻ خيــال؛
سڀ سڀوئي حال، منجهان هي معلوم ٿئي.(12)

## تصوف جا مدارج:

صوفياء وٽ تصوف جا چار درجا آهن.

شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت

جيستائين هي سڀ درجا پنهنجي درست مقام تي حاصل نہ ڪيا ويندا، ان وقت تائين انسان صوفي نہ ٿو ٿي سگهي. شريعت اسلام جو ظاهر آهي ۽ طريقت ان جو باطن. ان جو سادو مثال هيئن ڏئي سگهجي ٿو تہ حضور صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي دور ۾ بہ منافق مسلمانن جي صفن ۾ شامل هئا جيڪي بظاهر هر اهو عمل ڪنداهئا جنهن جي ڪرڻ جو اسلام حڪم ڏنو آهي جيئن: نماز، روزا، جهاد وغيره مگر دل ئي دل ۾ هو ڪافرن سان گڏ هئا ۽ هي گمان ڪندا هئا تہ اسان مسلمانن کي ڌوڪو ڏئي رهيا آهيون. مگر نبي صلي الله عليہ و آلہ وسلم کي الله تعالىٰ جي طرفان انهن سيني جا حالات معلوم هئا ۽ ڪن موقعن تي تہ اڪابر صحابہ جي طرفان بہ کين قتل ڪرڻ جهڙا مطالبا ڪيا ويا، مگر پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم انهن جي جان ومال کي بلڪل اهڙي طرح محفوظ رکيو جيئن ڪنهن مسلمان جو رکيو ويندو آهي. هتي ان جي ظاهر تي حڪم لڳايو ويو آهي جيڪو شريعت آهي. اگر ڪو شخص بظاهر نماز ۽ روزي جو پابند آهي ۽ ٻيا فرائض ادا ڪري ٿو تہ شريعت جي زبان ۾ ڪيس ڪوبہ ڪافر نٿو چئي سگهي.

جڏهن تہ حضور صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن کي انهن جي حقيقت معلوم هئي ۽ ان باري ۾ سورة المنافقون بہ نازل ٿي، جنهن ۾ انهن جي نيتن کي بي نقاب ڪيو ويو تہ طريقت جي اعتبار کان اهڙا ماڻهو ڪافر آهن ۽ هميشہ جهنمي آهن، مگر انهن جي ظاهر جي ڪري مسلمانن جو ڪوبہ قاضي انهن کي ڪجهہ نٿو چئي سگهي ۽ ڪوئي مفتي انهن جي خلاف فتویٰ نٿو ڏئي سگهي. هتي اهل الله ۽ اولياء الله پنهنجي باطني نور سان انهن جي حقيقت معلوم ڪري وٺندا آهن ۽ ماڻهن کي انهن جي شرارتن کان خبردار ڪري ڇڏيندا آهن.

## دين هڪ حقيقت آهي:

مذهب جو عمل افراد جي ۽ انهن روين سان متعلق آهي جيڪي اهي مذهبي ادارن جي مختلف نوعيت جي اجتماعات ۾ شرڪت جي وقت اختيار ڪندا آهن . اِنهن عملن جي بجا آوري جو مقصد مختلف هوندو آهي، تاهم اِن ۾ سڀ کان زياده سزا جو خوف، سٺن ڪمن جي لاءِ انعام جي اميد، گناه جو احساس، روح جي تسڪين يا سماجي ۽ تهذيبي مقاصد شامل هوندا آهن؛ ليڪن هي مذهب جي حقيقت ناهن.

جڏهن اسان ماڻهن کان پڇون ٿا: "اوهان هي ڪيئن ٿا ڄاڻو تہ خدا وجود رکي ٿو؟" هو عام طور تي هي جواب ڏيندا آهن تہ ۽ انهن جي اندروني احساس ۽ باطني ڪيفيتن ۽ انهن کي يقين ڏياريو آهي تہ خدا موجود آهي، مگر ماڻهو اِن محسوسات تي ڪيتري حد تائين انحصار ڪري سگهن ٿا؟

مولانا رومي رحمه الله پنهنجي دور جا مشهورومعروف صوفي آهن. پاڻ درج ذيل داستان ۾ هي نڪتو بيان ڪيو اٿن تہ حسيات پنهنجي محدود دائري ۾ حقيقت جي شناخت تي قادر ناهن ۽ حقيقت جي شناخت شهود ۽ يقين جي بِنا تي حاصل ٿيندي آهي.

”هڪ هاٿي ڪنهن اونداهي گهر ۾هو، جنهن کي ڪجهہ هندن نمائش جي لاءِ آندو هو. ۽ ان کي ڏسڻ جي لاءِ ماڻهو پرتجي پيا ۽ ان اونداهي گهر ۾ داخل ٿي ويا. جڏهن تہ اونداهي جي ڪري ۽ ان کي ڏسڻ ناممڪن هو، اِن ڪري هر ڪو ۽ ان انڌاري ۾ هٿوراڙيون ڏيئي رهيو هو. ڪنهن شخص جي هٿ ۾ هاٿي جي سونڊ اچي وئي تہ ۽ ان چيو هاٿي تہ نيساري وانگر آهي. جنهن شخص جي هٿ ۾ ڪن آيا تہ ۽ ان چيو هاٿي تہ پکي جهڙو آهي. هڪ ماڻهو جا هٿ پيرن سان لڳا تہ ۽ ان چيو مان تہ هاٿي کي ڏٺو اهو بالڪل ٿنڀ وانگر آهي. جنهن ماڻهو هاٿي جي پٺي کي ڇهيو تہ اهو چوڻ لڳو تہ هاٿي تہ بالڪل هڪ تخت وانگر لڳي پيو.

اِن طرح هرڪنهن کي هاٿي جو جيڪو بہ حصو مليو، اهو ان حصي کي هاٿي سمجهي فخر ڪندو رهيو.

هاٿي جي باري ۾ هر هڪ جو نظريو الڳ هو. هڪڙو انکي "دال" پيو چوي تہ ٻيو "الف."

اگر ۽ انهن مان هر هڪ جي هٿ ۾ هڪ شمع هجي ها تہ يقيناً انهن جي ڳالهين ۾ اختلاف ختم ٿي وڃن ها“.(13)

ان ساڳيءَ ڳالهہ کي ڀٽائي سرڪار هنن لفظن ۾ سموهيو آهي.

مُئي هاٿِيءَ تي مامرو اَچِي ڪَيو اَنڌَنِ؛
مَنارِڙِنِ هَٿَنِ سين، اَکِئين ڪِينَ پَسَنِ؛
"فِي الحَقِيقَتَ" فِيل کي، سَچا سُڃاڻَنِ؛
سَنڌِي سَردارَنِ، بَصِيرَتَ بِينا ڪَري.(14)

زماني جي غفلت جا حجاب ۽ پردا جيڪڏهن وچ مان هٽائي ڇڏجن ته نور جي جهلڪ ۾حقيقت جي تجلي حاصل ٿيندي آهي. اها ئي اها منزل آهي جتي حواس جي دائرۂ عمل جو فريم ٽٽي پوندو آهي ۽ حقيقت اهڙي طرح، جيئن اها هوندي آهي، قابل مشاهده بنجي ويندي آهي ۽ شڪ ترد-د ۽ هر قسم جي اختلافِ نظر جي جاء تي علم ۽ يقين اچي ويندو آهي. قرآنِ ڪريم ۾ خداوند جي فرمان مطابق "دين هڪ حقيقت آهي،"

"بيشڪ دين واقعيت آهي". (15)

لهذا دين جي حقيقت کي منڪشف ڪرڻ لِ جي شناخت حاصل ڪرڻ کپي.

## تصوف ٻين مذهبن ۾:

تصوف معرفت پروردگار جو هڪ اهڙو طريقو آهي جيڪوڪنهن هڪ مذهب يا فلسفي تائين محدود ناهي . تصوف جو تصور ڪنهن نه ڪنهن تناظر ۾تقريباً دنيا جي هر مذهب ۾ لڌو وڃي ٿو. تصوف مذهبن کي هڪ ٻئي جي قريب آڻڻ ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ جو ذريعو آهي . صوفي ڪنهن هڪ مذهب جو محتاج ناهي هوندو. هو ته انسانيت جو پرچارڪ هوندو آهي. انڪري هر مذهب ۾ صوفياء ڪرام جو وجود موجود هوندو آهي. هوء ته ڪنهن به مذهب يا ان جي مجيندڙ کي برو ناهن سمجهندا ۽ محبت جو پرچار ڪندا رهندا آهن.

## تصّوف مذهبن جي وچ ۾ هڪ پل:

تصوف جي حيثيت هڪ پُل جي آهي جيڪا تمام 'مذهبن' کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيندي آهي، ڇاڪاڻ ته صوفي سيني پيغمبرن تي ايمان رکندو آهي.

"ذاتي مشاهدن ۽ تجربن ۾ معرفتِ الهي جي هي اهميت، جنهن تي تمام گهڻو زور ڏنو ويندو آهي ۽ تنظيم وتربيت جا اهي سڀ طريقا، جيڪي ڪنهن طالبِ علم کي اِن مقصد جي حصول ۾ مدد ڏين ٿا، دراصل علم وعرفان کي هي درجو ڏين ٿا ته اهو مختلف 'مذهبن،' اسان جي اندروني وجود ۽ اسان جي دنيا، ٻنهي جي وچ ۾ هڪ پُل جو ڪم سرانجام ڏئي".

لهٰذا ڪيترائي اختلاف ۽ جهڳڙا، جيڪي مختلف رسمن، عبادتن ۽ عقائد جي حوالي سان ٿيندا آهن، سڀ غيرمتعلق آهن. خدا جي مقدس قلمرو ۾ فقط قلب ۾ پوشيده راز ئي ڪم ايندا آهن.(16)

## تصوف ۽ هندو مذهب:

هندومت (سناتن ڌرم) قديم مذهبن مان هڪ آهي. محقق هن ڳالهه ۾ اختلاف رکن ٿا ته هي الهامي مذهب آهي يا غيرالهامي. اڪثريت ان کي غير الهامي ئي

سمجهي ٿي. بهرحال هن مذهب ۾ تصوف جو واضح تصور ملي ٿو . اڪثريت ان کي ويدانت جي نالي سان سڃاڻندي آهي. ويدانت ۾ بہ ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي اسلامي تصوف ۾ نٿيون ملن.

## حلول:

ان جو مطلب آهي الله تعالىٰ جو ڪنهن بانهي يا ڪنهن بہ ٻي شيءِ ۾ سمائجي وڃڻ. يعني مجسم ٿي وڃڻ جنهن کي "اوتار" چيو ويندو آهي . هي اسلامي شريعت ۽ تصوف ۾ نہ آهي.

## تناسخ:

ان جو مطلب آهي روح جو هڪ جسم مان ٻئي جسم ۾ منتقل ٿيڻ. جيڪو پنهنجي هڪ جنم ۾ ڪيل نيڪ يا بد اعمال جي جزا يا سزا جي مطابق ٿيندو رهندو آهي. هڪ انسان هڪ لک چوراسي هزار جنم وٺي سگهندو آهي. جيسيتائين هو عملن جو بدلو ڏيندي ڏيندي نرواڻ (ڇوٽڪارو) حاصل ڪري وڃي. هن نظرئي کي هو آواگون (جوڻ مٽائڻ) بہ چوندا آهن.(17)

## اختصار:

تصوف اسلامي ملڪن (خاص ڪري برصغير) ۾ روحانيت، ترڪ دنيا داري ۽ الله سان قربت حاصل ڪرڻ جي مفهوم ۾ سڃاتو ويندو آهي.
تصوف جي حيثيت هڪ پل جي آهي جيڪا سڀني 'مذهبن' کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيندي آهي، چو تہ هي سڀني پيغمبرن تي ايمان رکي ٿو .
تصوف اڄ ڪلهہ صرف اسلامي دنيا تائين محدود نه رهيو آهي بلڪه غيرمسلم دنيا ۾ بہ صوفيت پنهنجي جاء ناهي چڪي آهي .
صوفياء ڪرام وٽ تصوف جا چار درجا آهن. شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت.
تصوف جو تصور ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ سواءِ هند جي تقريباً دنيا جي هرمذهب ۾ ملندو آهي.
هندو مذهب ۾ تصوف جو واضح تصور ڏنو ويو آهي. اڪثريت ان کي ويدانت جي نالي سان ڄاڻي ٿي.
عيسائيت ۾ تصوف جو واضح تصور ملي ٿو.
يهوديت ۾ ان جو عمل دخل گهٽ آهي.
تصوف جو مطلب خداوندعالم جي شناخت ۽ پوشيده علم ۽ هستي جي اسرار کي دريافت ڪرڻ آهي. عرفان پيغمبرن جو رستو آهي.

**تصوف بنيادي طور تي تعليم و تربيت هڪ اهڙو نظام آهي جيڪو حقيقي متلاشين جي لاء خودشناسي جي سفر کي ممڪن بنائيندو آهي.**

## حوالا:


1. سوره الشمس آيت 9۔
2. سوره الاعلی آيت 14۔
3. بخاري محمد بن اسمٰعيل، صحيح بخاري دارالسلام للنشروالتوزيع الرياض ط الثاني 1999ع ،ح: 50ص 12۔
4. گيولن محمد فتح الله، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪتاب نمبر268 تصّوف جو ٽيڪسٽ بڪ ص13،14 ڇاپو پيو 2015ع۔
5. علي نادر مولانا صلاح الدين، اي برج بٽوين رليجنس ص 51، رور سائيد، سي اي: ايم ٽي او۔ شاه مقصودي پبليڪيشنس 1996ع۔
6. أحمد عمر أبوشوفة، المعجزة القرآنية حقائق علمية قاطعة 243/1 دار الكتب الوطنية – ليبا 2003 ع
7. فتاوي واستشارات الاسلام اليوم۔159/3۔
8. معجم اللغة العربية المعاصرة د أحمد مختار عبدالحميد عمر بمساعدة فريق عمل 1486/2 عالم الكتب ط الأولى، 2008ع۔
9. صهيب عبد الجبار مسند الموضوعي من كتب العشره 483/4 باب فضل العلم والتعلم الكتاب غير مطبوع وهو في22 مجلد۔
10. صهيب عبد الجبار مسند الموضوعي من كتب العشره 483/4 باب فضل العلم والتعلم الكتاب غير مطبوع وهو في 22 مجلد.
11. صهيب عبد الجبار مسند الموضوعي من كتب العشره 483/4 باب فضل العلم والتعلم الكتاب غير مطبوع وهو في 22 مجلد۔
12. شاه جو رسالو سر ڪلياڻ داستان پهريون بيت 11.12.13
13. رومي جلال الدين. مثنوي دفتر سوم 1259 مثنوي مولانا روم۔
14. شاه جو رسالو سر آسا داستان ٽيون بيت 11۔
15. سورۃ الذاريات:51، آيت 6۔
16. علي نادر مولانا صلاح الدّين ، پير اويسي از مضمون "تصوّف مذاهب کي درميان ا يک پل ."
17. گيولن محمد فتح الله، تصوف جو ٽيڪسٽ بڪ ص 13۔ سنڌيڪا اڪيڊمي ڇاپو پيو2015ع۔